# سنڌ آرڊيننس نمبرVIII مجريہ1990
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1990
# سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990
# THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم

Amendment in Sindh Act X of 1986

3. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ A_3 جي شموليت

Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

# سنڌ آرڊيننس نمبرVIII مجريہ1990
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1990
## سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990
## THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

[31 ڊسمبر 1990]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 1990 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم

2.سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، لفظ "اسپيشل الائونس"

| | |
|---|---|
| Amendment in Sindh Act X of 1986 | جتي بہ اچن لفظ "۽ ايڊيشنل اسپيشل الائونس" شامل ڪيا ويندا. |
| 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت<br>Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986 | 3.جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 3_A شامل ڪئي ويندي:<br>"3_A.هر ملازم جنهن جي ويجز ٻہ هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ نہ هجي ان جي ملازمت جي مد ۾ پهرين ڊسمبر، 1990 تي يا ان ڪانپوءِ، ان کي سندس ايمپلائر طرفان ايڊيشنل اسپيشل الائونس ادا ڪيو ويندو:<br>(a)ٻہ سئو رپيا ماهوار برابر، جيڪڏهن سندس ويجز ٻہ هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا<br>(b)اهڙي اگهہ تي، ان جي ويجز سان گڏ، ٻہ هزار ست سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار جو ٽوٽل ٿئي، جيڪڏهن سندس ويجز ٻہ هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ آهن تہ پوءِ:<br>بشرطيڪ اهو تہ ايڊيشنل اسپيشل الائونس ادائگي لائق رقم جي برعڪس ڏنو ويندو:<br>(a)رليف طور ڪنهن معاهدي ۾ رهندي رقم جي وڌڻ تي يا سيٽلمينٽ پهتو هجي، يا انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 تحت ڪو ايوارڊ ڏنو ويو هجي پهرين ڊسمبر، 1990 تي يا ان ڪانپوءِ؛ ۽<br>(b)معاهدي يا پهتل سيٽلمينٽ تحت ۽ پهرين ڊسمبر، 1990 تي لاڳو، جنهن تحت ملازم ڪوسٽ آف لونگ ۾ واڌ جي بنياد تي ريگيولر انٽرولز ۾ واڌارو حاصل ڪن".<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |